SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1979
# سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979
# THE SINDH WAQF PROPERTIES ORDINANCE, 1979

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اوقاف جي چيف ايڊمنسٽريٽر جي مقرري
Appointment of Chief Administrator of Auqaf

4. ايڊمنسٽريٽر ۽ ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر جي مقرري
Appointment of Administrator and Deputy Administrator

5. عام مقرري
General appointment

6. وقف ملڪيت جي رجسٽريشن
Registration of Waqf property

7. چيف ايڊمنسٽريٽر نوٽيفڪيشن ذريعي وقف ملڪيت جو قبضو وٺي سگهي ٿو
Chief Administrator may take over waqf property by notification

8.	وقف ملڪيتن جو غير قانوني قبضو رکندڙ ماڻهن جي بيدخلي
Eviction of persons wrongfully in possession of waqf properties

9.	شرطن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي ليز ختم ڪرڻ يا ٽيننسي بحال ڪرڻ جو اختيار
Power to terminate a lease or resume a tenancy for breach of conditions

10.	اپيل ۽ مڪمل ڪرڻ
Appeal and finality

11.	نوٽيفڪيشن خلاف ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ پٽيشن
Petition to District Court against notification

12.	ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اپيل
Appeal against the decision of District Court

13.	ڊسٽرڪٽ ڪورٽ يا ۽ هاءِ ڪورٽ عارضي فيصلو يا حڪم نہ جاري ڪنديون
District Court and High Court not to issue temporary injunction or order

14.	دفعہ 11 تحت ڊسٽرڪٽ ڪورٽ يا دفعہ 12 تحت هاءِ ڪورٽ جو فيصلو حتمي هوندو
Decision of the District Court under section 11 or the High Court under section 12 to be final

15.	چيف ايڊمنسٽريٽر ايڊمنسٽريشن ۽ وقف ملڪيت جي ترقيءَ لاءِ اسڪيم تيار ڪندو
Chief Administrator to prepare scheme for the administration and development of waqf property

16. چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان وقف ملڪيت جو وڪرو ۽ پروسيڊس جي درخواست

Sale of waqf property by Chief Administrator and application of proceeds

17. وقف ملڪيت جو استعمال ۽ ان سلسلي ۾ ڪمائي جي درخواست

Use of waqf property and application of income therefrom

18. چيف ايڊمنسٽريٽر اڪائونٽس سنڀاليندو

Chief Administrator to maintain accounts

19. وقف ملڪيت جي سلسلي ۾ ڀاڙا ۽ ليز جون رقمون لينڊ روينيو جي رهتن جي مد ۾ اوڳاڙيون ويندييون

Rents and lease moneys in respect of waqf property may be recovered as arrears of land revenue

20. چيف ايڊمنسٽريٽر ريٽرنز وغيره طلب ڪري سگهي ٿو ۽ وقف ملڪيت جي سلسلي ۾ هدايت جاري ڪري سگهي ٿو.

Chief Administrator may call for returns, etc, and may issue instruction and direction in respect of waqf property

21. دائره اختيار تي پابندي

Bar of jurisdiction

22. هن آرڊيننس سان ٽڪراءَ ۾ حڪمن وغيره جو اثر

Effect of orders, etc, inconsistent with this Ordinance

23. هن آرڊيننس تحت ڪنيل قدم جو تحفظ

Protection of action taken under this ordinance

24. ڏوهہ

Offences

25. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to frame rules

.26 1976 جي ايڪٽ LVI تحت کنيل قدمن، ورتل اپائن جو تسلسل

Continuance of actions, act taken under Act LVI of 1976

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1979
# سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979
# THE SINDH WAQF PROPERTIES ORDINANCE, 1979

[12 اپريل 1979]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ وقف ملڪيتن جو خاص انتظام ۽ سنڀال ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ وقف ملڪيتن جو خاص انتظام ۽ سنڀال ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2)هن جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3)اهو اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندو جيئن حڪومت پڌري ڪري.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾، جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نه هجي، هيٺين اظهارن جي معنيٰ ترتيبوار هن ريت ڏنل هوندي، جيڪا آهي:

(a)ايڊمنسٽريٽر مطلب دفعه 4 تحت مقرر ڪيل اوقاف جو

ايڊمنسٽريٽر؛
(b)چيف ايڊمنسٽريٽر مطلب دفعہ 3 تحت مقرر ڪيل اوقاف جو چيف ايڊمنسٽريٽر؛
(c)حڪومت مطلب سنڌ حڪومت؛
(d)وقف ملڪيت مطلب ڪنهن قسم جي ملڪيت جيڪا مستقل طور تي اسلام کي هٿي وٺرائيندڙ شخص طرفان وقف ڪئي وئي هجي اسلام طرفان سڃاتپ ڏنل ڪنهن مقصد لاءِ مذهبي، ديني يا خيراتي طور تي، پر ان ۾ شامل نہ هوندي ڪا وقف ملڪيت جيڪا مسلمان وقف ويليڊيٽنگ ايڪٽ، 1913 (VI of 1913) جي دفعہ 3 تحت بيان ڪئي وئي هجي، جنهن تحت ڪو فاعدو وقتي طور ان شخص طرفان دعويٰ لائق آهي، جنهن وقف ڪيو هيو يا ان جي خاندان جي ڪنهن رڪن يا پاڙيندڙن طرفان دعويٰ لائق آهي.
وضاحت 1: جيڪڏهن ڪا ملڪيت نامعلوم وقت کان اسلام طرفان سڃاتپ ڏنل ڪنهن مذهبي، ديني يا خيراتي مقصد لاءِ استعمال ٿيندي آهي، تہ پوءِ ايڪسپريس ڊيڊيڪيشن جي ڪا بہ گواهي نہ هئڻ باوجود اهڙي ملڪيت وقف ملڪيت سمجهي ويندي.
وضاحت 2: پارٽ ۾ چڙهي آيل وقف ملڪيت جي سلسلي ۾ يا بدلي ۾ الاٽ ڪيل ڪا ملڪيت وقف ملڪيت سمجهي ويندي.
وضاحت 3: سيل پروسيڊز ذريعي حاصل ڪيل ڪا ملڪيت يا بدلي ۾ يا وقف مليڪت مان حاصل ٿيندڙ ناڻي مان يا اسلام طرفان سڃاتپ ڏنل مذهبي، ديني يا خيراتي مقصد لاءِ گڏل ڪيل چندن مان حاصل ڪيل ڪا ملڪيت وقف ملڪيت

سمجهي ويندي.
وضاحت 4: مزارن ۽ مقبرن تي رکيل پيٽين مان حاصل ٿيل رقم، چندا يا ڪنهن قسم جون شيون، امداد يا مزار يا مزار جي احاطي ۾ ڪنهن شخص کي ڏنل تحفن مان حاصل ٿيل رقم وقف ملڪيت سمجهي ويندي.
وضاحت 5: مسجد، تڪيہ، خانقاهہ، درگاهہ يا ٻئي مقبري جي مقصد لاءِ مستقل طور وقف ڪيل ملڪيت وقف ملڪيت سمجهي ويندي.
وضاحت 6: غريب ۽ يتيم جو رليف، تعليم، عبادت، ميڊيڪل رليف، مقبرن جي مرمت يا ٻئي خيراتي، مذهبي يا ديني قسم جي يا عام عوامي استعمال جي شين جي ترقي خيراتي مقصدن لاءِ سمجهي ويندي.

اوقاف جي چيف ايڊمنسٽريٽر جي مقرري
Appointment of Chief Administrator of Auqaf

3.(1) حڪومت سنڌ لاءِ اوقاف جو چيف ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪندي ۽ حڪم ذريعي ان کي سونپي سگهي ٿي، صوبي ۾ واقع وقف ملڪيتون بشمول سمورن حقن، اثاثن، قرضن ۽ ان سلسلي ۾ رهتن سميت.
(2)ڪو بہ شخص تيستائين چيف ايڊمنسٽريٽر مقرر نہ ڪيو ويندو جيستائين اهو مسلمان نہ هجي ۽ اهڙي قابليت نہ رکندو هجي، جيڪا بيان ڪئي وئي هجي.
(3)چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ جي چيف ايڊمنسٽريٽر جي نالي سان ڪارپوريشن سول هوندو ۽ کيس حقيقي وراثت ۽ سرڪاري مهر هوندي ۽ کيس ڪري سگهي ٿو ۽ مٿس ڪارپوريٽ نالي ۾ کيس تي سگهي ٿو.
(4)چيف ايڊمنسٽريٽر حڪومت جي عام ضابطي هيٺ هوندو.

ايڊمنسٽريٽر ۽ ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر جي مقرري
Appointment of Administrator and Deputy Administrator

4.(1) حڪومت چيف ايڊمنسٽريٽر جي مدد لاءِ ڪنهن علائقي لاءِ ايڊمنسٽريٽر ۽ ڪنهن ضلعي لاءِ ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ ڪو ايڊمنسٽريٽر يا ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر جيڪو اهڙيءَ ريت مقرر ڪيو ويو هجي، اهو چيف ايڊمنسٽريٽر جي عام يا خاص حڪمن تي، اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيڻ لاءِ مجاز هوندو ۽ چيف ايڊمنسٽريٽر جا اهڙا اختيار استعمال ڪندو، جيئن ان کي سونپيا ويا هجن، ۽ جڏهن اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو هوندو يا اهڙا اختيار استعمال ڪري رهيو هوندو، ڪيس ساڳيون مراعتون ۽ ساڳيون چيف ايڊمنسٽريٽر واريون سهولتون حاصل هونديون.

(2)ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيل ايڊمنسٽريٽر يا ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر چيف ايڊمنسٽريٽرجي انتظامي ضابطي هيٺ هوندا.

عام مقرري
General appointment

5.(1)چيف ايڊمنسٽريٽر، وقت بوقت حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان عملدارن ۽ ملازمن جو انگ، عهدو ۽ گريڊ طئي ڪري سگهي ٿو، جيڪي اهو هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ملازمت تي رکڻ ضروري سمجهي ۽ اهڙن عملدارن ۽ ملازمن جي هر هڪ جي پگهار، فيس ۽ الائونسز ادا ڪرڻ واري رقم ۽ قسم طئي ڪري سگهي ٿو.

(2)هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ ملازمت تي رکيل سمورا ماڻهو پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جي XLV) جي دفعه 21 جي معنيٰ تحت پبلڪ سرونٽس سمجهيا ويندا.

[1] [("5_A") ڪو بہ ماڻهو هن آرڊيننس تحت ايڊمنسٽريٽر، ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر يا عملدار مقرر نہ ڪيو ويندو جيستائين اهو مسلمان نہ آهي ۽ اهڙي قابليت نہ ٿو رکي جيڪا بيان ڪئي وئي هجي."].

**وقف ملڪيت جي رجسٽريشن**
**Registration of Waqf property**

6.ڪنهن وقف ملڪيت جو انچارج يا انتظامن تي ضابطو رکندڙ هر شخص ۽ هر اهو شخص جيڪو هن آرڊيننس جي شروعات کانپوءِ وقف ناهي ٿو اهو اهڙي وقف ملڪيت جي اهڙي طريقي، اهڙي وقت دوران ۽ اهڙي اٿارٽي کان رجسٽرڊ ڪرائيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**چيف ايڊمنسٽريٽر نوٽيفڪيشن ذريعي وقف ملڪيت جو قبضو وٺي سگهي ٿو**
**Chief Administrator may take over waqf property by notification**

7.(1)جيستائين ڪجهہ رليجس انڊوومينٽس ايڪٽ، 1863 (1863 جي XX) جي دفعہ 22 سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون، يا ڪنهن ڪسٽم يا استعمال ۾، يا ڪنهن ڊڪري، ججمينٽ يا ڪنهن ڪورٽ يا اٿارٽي جي حڪم، يا ڪنهن ڪورٽ يا اٿارٽي جي سامهون التوي هيٺ ڪنهن ڪارروائي سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، چيف ايڊمنسٽريٽر نوٽيفڪيشن ذريعي وقف ملڪيت کي تحويل ۾ وٺي ۽ ان جو انتظامي ضابطو، انتظام ۽ مرمت جو ڪم سنڀالي سگهي ٿو:

بشرطيڪ اهو تہ سڄي عمر لاءِ وقف کي ڏيندڙ ڪنهن شخص جي رضامندي کانسواءِ چيف ايڊمنسٽريٽر وقف ملڪيت کي تحويل ۾ نہ وٺندو ۽ ان جو انتظامي ضابطو، انتظام ۽ مرمت جو ڪم نہ سنڀاليندو ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي راضي ٿي سگهي ٿو جيڪي اهڙي شخص ۽ چيف ايڊمنسٽريٽر وچ ۾ طئي ٿين.

---

[1] دفعہ 5_A تازو سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريہ 1984 تحت شامل ڪيو ويو آهي، تاريخ ڊسمبر 10، 1984 ترتيبوار

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ ضابطو ۽ انتظام، جنهن ۾ شامل آهي وقف ملڪيت تي يا مذهبي، روحاني، ثقافتي ۽ ٻين خدمتن ۽ تقريبن (رسمن) تي ڪارڪردگي ۽ انتظام.

(2)ڪو بہ شخص ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل خدمتون سرانجام نہ ڏيندو يا تقريبون (رسمون) ادا نہ ڪندو، سواءِ اڳواٽ چيف ايڊمنسٽريٽر جي اجازت جي ۽ سندس طرفان ڏنل اهڙين هدايتن جي، جيئن اهو ڏئي.

[1] [("3") ذيلي دفعہ (1) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن انتظاميا يا متولي کي ڏنو ويندو، جيئن معاملو هجي، ۽ ان جي نقل نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل ملڪيت جي ڪنهن مخصوص هنڌ تي لڳائي ويندي."]

وقف ملڪيتن جو غير قانوني قبضو رکندڙ ماڻهن جي بيدخلي

Eviction of persons wrongfully in possession of waqf properties

8.جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن غير متحرڪ وقف ملڪيت جو قبضو آهي، يا داخل ٿئي ٿو يا استعمال ڪري رهيو آهي يا جنهن جو استعمال، هن کي اجازت نہ آهي يا هن آرڊيننس جي گنجائشن يا ان تحت جوڙيل قائدن تحت استعمال کان منع ڪيل آهي، ان خلاف ڪو تجويز ٿيل قدم کڻڻ کان اڳ ٻڌڻ جو جوڳو موقعو ڏيڻ کانپوءِ، ايڊمنسٽريٽر طرفان ان کي اهڙي طاقت ذريعي بيدخل ڪيو ويندو، جيڪا ضروري هجي، ۽ اهڙي ملڪيت ۾ پوکيل ڪو فصل ضبط ڪيو ويندو ۽ ڪا عمارت يا ٻي ڪا تعمير ان سلسلي ۾ ڊاهي ويندي، جيڪڏهن اهڙي شخص طرفان ايڊمنسٽر طرفان اهڙي عمارت يا تعمير ڊاهڻ لاءِ نوٽيس ملڻ کانپوءِ بہ ٽيهن ڏينهن جي اندر نہ هٽائي وئي تہ نوٽيس ۾ ڄاڻايل اهڙو عرصو مڪمل ٿيڻ

---

[1]دفعہ 7 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ نئين ذيلي دفعہ سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريہ 1984 تحت شامل ڪئي وئي آهي. تاريخ 10 ڊسمبر 1984.

ڪانپوءِ اها هٽائي ويندي.

شرطن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي ليز ختم ڪرڻ يا ٽيننسي بحال ڪرڻ جو اختيار

Power to terminate a lease or resume a tenancy for breach of conditions

9.(1) جيڪڏهن ايڊمنسٽريٽر مطمئن آهي تہ غير متحرڪ وقف ملڪيت جي ليزي يا ڪرائيدار ليز يا ڪرائيداري جي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي تہ ايڊمنسٽريٽر اهڙي ليزي يا ڪرائيدار کي پيش ٿي پنهنجا اعتراض بيان ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ بعد ليز ختم ڪرڻ يا ڪرايو ٻيهر شروع ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿو.

بشرطيڪ اهو تہ جيڪڏهن ڀڃڪڙي سڌارن لائق آهي تہ ايڊمنسٽريٽر ليز ختم ڪرڻ يا ٽيننسي جي بحالي جو حڪم نہ ڏيندو جيستائين اهو ليزي يا ڪرائيدار کي موزون عرصي دوران غلطي سڌارڻ لاءِ نوٽيس نہ ڏيندو. جيڪو ٽيهہ ڏينهن کان گهٽ ۽ نوي ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندو. جيڪو نوٽيس ۾ بيان ڪيو ويندو ۽ ليزي يا ڪرائيدار اهڙي نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام نٿو ٿئي.

(2)جتي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن تحت ليز ختم ڪرڻ يا ٽيننسي بحال ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو هجي، ايڊمنسٽريٽر ان کانپوءِ وقف ملڪيت جي ٻيهر داخلا ڪري سگهي ٿو ۽ ان جو قبضو بحال ڪري سگهي ٿو. ايڊمنسٽريٽر طرفان طئي ڪيل رعايت جي ادائگي تحت يا ڪٽائي نہ ٿيل يا گڏ نہ ڪيل فصلن يا سڌارن لاءِ، جيڪڏهن ڪي هجن، جيڪي ليزي يا هاري طرفان ليز يا ٽيننسي جي شرطن تحت ڪيون ويون هجن يا چيف ايڊمنسٽريٽر جي اجازت سان ڪيون ويون هجن:

بشرطيڪ اهو تہ جيڪڏهن ليز يا ٽيننسي ڪنهن ٻئي شخص کي الاٽ ڪئي ويندي، رعايت جي رقم، جيڪڏهن ڪا

هجي، ڇڏي ويندڙ ليزي يا ڪرائيدار کي ادا ڪئي ويندي، جيڪا نئين ليزي يا ڪرائيدار کان وصول ڪئي ويندي.

اپيل ۽ مڪمل ڪرڻ
Appeal and finality

10. (1) ڪو به شخص جيڪو دفعه 8 جي گنجائشن تحت هٽايو ويو هجي يا ليز ختم ڪرڻ جي حڪم يا دفعه 9 تحت ڪرائيداري جي بحالي سبب متاثر ٿيل ڪو شخص اهڙي هٽائڻ جي سٺ ڏينهن اندر يا ليز ختم ڪرڻ جي حڪم جي يا ڪرائيداري جي بحالي جي حڪم جي ٽيهن ڏينهن اندر چيف ايڊمنسٽريٽر کي اپيل ڪري سگهي ٿو. جيڪو اهڙي شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ بعد دفعه 8 يا 9 تحت ايڊمنسٽريٽر طرفان ڪيل حڪم جي تصديق ڪري، تبديل ڪري يا خالي ڪرائي سگهي ٿو.

(2) جيڪڏهن دفعه 8 تحت خالي ڪرائڻ خلاف يا ليز ختم ڪرڻ جي حڪم يا دفعه 9 تحت ايڊمنسٽريٽر طرفان ڪرائيداري جي بحالي جي حڪم خلاف ڪا اپيل ناهي ته، خالي ڪرائڻ، ليز ختم ڪرڻ يا ڪرائيداري جي بحالي، جيئن معاملو هجي، حتمي هوندي ۽ جڏهن ڪا اپيل هجي، ته پوءِ اپيل تي ايڊمنسٽريٽر جو فيصلو حتمي هوندو.

نوٽيفڪيشن خلاف ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ پٽيشن
Petition to District Court against notification

11.(1)ڪنهن وقف ملڪيت جنهن جو دفعه 7 تحت نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هجي، ان ۾ انٽريسٽ لاءِ دعويدار ڪو شخص اهڙي نوٽيفڪيشن جي شايع ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر ضلعي عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪري سگهي ٿو، جنهن جي دائره اختيار ۾ وقف ملڪيت يا ان جو ڪو حصو واقع آهي، ڊڪليئريشن لاءِ:

(a)اهو ته اها ملڪيت وقف ملڪيت نه آهي؛

(b)اهو ته ملڪيت وقف ملڪيت آهي، جنهن جون حدون

پٽيشن ۾ بيان ڪيل آهن؛

بشرطيڪ اهو تہ جيستائين ڪجھ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون خلاف نہ هجي، يا ڪنهن ڪسٽم يا استعمال، يا ڪنهن ڊڪري، ججمينٽ يا ڪنهن عدالت جي حڪم يا ٻي اٿارٽي، يا ڪنهن عدالت يا اٿارٽي جي سامهون ڪا ٻڌڻي التويٰ هيٺ هجي، اهڙي ڪا بہ پٽيشن ڪنهن ڪمائي، آفرنگس، سبسڪرپشنس يا دفعہ 2 جي شق (e) جي وضاحت 4 ۾ بيان ڪيل آرٽيڪلس، يا دفعہ 7 ۾ ڄاڻايل خدمتن يا تقريبن (رسومات) جي سلسلي ۾ اهڙي ڪا پٽيشن داخل نہ ڪئي ويندي.

(2)ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، سبب رڪارڊ ڪرڻ لاءِ، جاچ پڙتال جي مقصد لاءِ ڪنهن گواهہ جي حاضري يقيني بڻائڻ لاءِ ڪنهن ڪارروائي کان انڪار ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن دستاويز جي پيش ڪرڻ کان يا ٻي ڪنهن شئي کان جيڪڏهن اها سمجهي تہ اهو سڀ ڪجھ مونجهارا پيدا ڪرڻ يا دير ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي.

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي فيصلي خلاف اپيل

Appeal against the decision of District Court

12.دفعہ 11 جي ذيلي دفعہ (1) تحت ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي فيصلي سان متاثر ٿيل ڪو شخص حڪم جي سٺ ڏينهن اندر هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪري سگهي ٿو.

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ يا ۽ هاءِ ڪورٽ عارضي فيصلو يا

13. جيستائين ڪجھ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي ان ايڪٽمينٽ ۾ عارضي طور شامل نہ هجي، ڊسٽرڪٽ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ کي دفعہ 11 تحت داخل ڪيل پٽيشن جي

**حڪم نه جاري ڪنديون**
**District Court and High Court not to issue temporary injunction or order**

پينڊنگ ڊسپوزل يا دفعه 12 تحت داخل ڪيل اپيل تي عارضي فيصلو ٻڌائڻ جو اختيار نه هوندو يا چيف ايڊمنسٽريٽر کي مڪيت جي انتظاميه، ضابطي، نظام ۾ مرمت جي تحويل ۾ وٺڻ يا بحال ڪرڻ جي سلسلي ۾ دفعه 7 تحت نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هجي، ان کان روڪڻ لاءِ حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار نه هوندو.

**دفعه 11 تحت ڊسٽرڪٽ ڪورٽ يا دفعه 12 تحت هاءِ ڪورٽ جو فيصلو حتمي هوندو**
**Decision of the District Court under section 11 or the High Court under section 12 to be final**

14.جيڪڏهن ڪا اپيل نه ڪئي وڃي، ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جو فيصلو يا جڏهن ڪا اپيل ڪئي وڃي، ان اپيل تي فيصلو حتمي هوندو.

**چيف ايڊمنسٽريٽر ايڊمنسٽريشن ۾ وقف ملڪيت جي ترقيءَ لاءِ اسڪيم تيار ڪندو**

15.(1)چيف ايڊمنسٽريٽر وقف ملڪيت جي سلسلي ۾، جنهن لاءِ دفعه 7 تحت نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو هجي ۽ جنهن مان بنيادي سالياني ڪمائي پنج هزار رپين کان وڌيڪ هجي ۽ ٻين معاملن ۾ اهڙي وقف ملڪيت جي انتظام ۾ ترقيءَ لاءِ اسڪيم جوڙي سگهي ٿو.

Chief Administrator to prepare scheme for the administration and development of waqf property

(2)هن دفعہ تحت اسڪيم جوڙڻ لاءِ ايڊمنسٽريٽر ملڪيت وقف ڪندڙ شخص جي خواهش اهڙيءَ ريت موثر بڻائيندو جيئن طئي ڪيو ويو هجي ۽ جنهن تي موزون طريقي عمل ڪيو ويندو.

چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان وقف ملڪيت جو وڪرو ۽ پروسيڊس جي درخواست

Sale of waqf property by Chief Administrator and application of proceeds

16.[1]["دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (2) جي گنجائشن تحت"] جڏهن اهو طئي آهي تہ حالتون موجود آهن، جن تحت ڪنهن وقف ملڪيت جو وڪرو يا ٻي صورت ۾ نيڪال ضروري ٿي پيو آهي، اهڙيءَ ريت:

(a)اهڙي ملڪيت مان وڌ کان وڌ معاشي فائدا حاصل ڪرڻ ۽ اهڙي ملڪيت کي نقصان ۽ تباهي کان بچائڻ؛ يا

(b)بهترين عوامي مفاد لاءِ خدمت ڪرڻ ۽ عوامي مقصد لاءِ جنهن سلسلي ۾ اهڙي ملڪيت وقف ڪئي وئي هجي؛ يا

(c)ملڪيت وقف ڪندڙ شخص جي اهڙين خواهشن تي عمل ڪرڻ جيئن يقيني بڻائي سگهجي؛ يا

(d)ايڪسپريس ڊيڊيڪيشن جي شاهدي جي غير موجودگيءَ ۾، ملڪيت کي ان مقصد لاءِ استعمال يقيني بڻائڻ جنهن لاءِ اها استعمال ٿيندي هئي يا اسلام طرفان مذهبي، ديني يا

[1] دفعہ 16 ۾ سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريہ 1984 تحت شامل ڪيل لفظ، تاريخ ڊسمبر 10، 1984

خيراتي طور سچاڻپ ڏنل ڪنهن مقصد لاءِ يا

(e)اهڙي بيروزگاري، بيماري، معذوري يا وڏي عمر وارن جي نالي تي جيڪي پاڻ ڪي سنڀالڻ لائق نہ هجن انهن ڪي سار سنڀال مهيا ڪرڻ؛

(f)زندگي، ملڪيت يا عوامي صحت ڪي خطرن کان بچائڻ؛

چيف ايڊمنسٽر ڪي ايئن ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ ان جي هدايتن موجب قدم کڻڻ [1]["بشرطيڪ اهو تہ ملڪيت جا وڪرو نامہ ڪنهن بہ مقصد لاءِ تيستائين استعمال نہ ڪيا ويندا جيستائين انهن جي وقف جو مقصد حاصل ٿي وڃي يا مطمئن ڪندڙ هجي."]

**وقف ملڪيت جو استعمال ۽ ان سلسلي ۾ ڪمائي جي درخواست**

**Use of waqf property and application of income therefrom**

17.هن آرڊيننس جي گنجائش موجب وقف ملڪيت ان مقصد لاءِ استعمال ٿيندي جنهن لاءِ اها وقف ڪئي وئي هجي يا ڪنهن اهڙي مقصد لاءِ جيڪو اسلام موجب مذهبي، ديني يا خيراتي هجي، جيئن چيف ايڊمنسٽريٽر ڪي مناسب لڳي.

**چيف ايڊمنسٽريٽر اڪائونٽس سنڀاليندو**

**Chief**

18.(1) چيف ايڊمنسٽريٽر سندس ضابطي ۽ انتظام هيٺ سمورين ملڪيتن جو مڪمل رڪارڊ سنڀاليندو ۽ اهڙين ملڪيتن جا اڪائونٽس ۽ ڪمائي ۽ خرچ سنڀاليندو بشمول چيف ايڊمنسٽريٽر ۽ ان جي اسٽيبلشمينٽ جي خرچ جي،

[1]دفعہ (g)16 ۾ فل اسٽاپ ڪي ڪولن سان تبديل ڪري سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريہ 1984 تحت شرطيہ بيان شامل ڪيو ويو آهي. تاريخ ڊسمبر، 10، 1984

| | |
|---|---|
| اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2) چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان سندس ضابطي ۾ انتظام هيٺ ملڪيتن جي سلسلي ۾ وصول ڪيل يا لڳايل سموريون رقمون فنڊ جوڙينديون ۽ ان فنڊ ۾ جمع ڪيون وينديون، جنهن کي اوقاف فنڊ سڏيو ويندو، جيڪو چيف ايڊمنسٽريٽر جي ضابطي هيٺ ۽ سندس طرفان حڪومت جي عام نظرداري هيٺ هلايو ويندو ۽ اهڙي تحويل ۾ رکيو ويندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(3)هر مالي سال جي پڄاڻي تي، چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان سنڀاليل اڪائونٽس جي اهڙي اٿارٽي طرفان آڊٽ ڪئي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ چيف ايڊمنسٽريٽر جي ڪمينٽس سميت آڊٽ رپورٽ حڪومت آڏو پيش ڪئي ويندي. | Administrator to maintain accounts |
| 19.ڪا بہ رقم وقف ملڪيت جي ڪرائي يا ليز جي رقم جي صورت ۾ واجب الادا هجي، جنهن جو انتظام چيف ايڊمنسٽريٽر سنڀاليو هجي يا حاصل ڪيو هجي، جيڪڏهن واجب الادا تيهن ڏينهن اندر نہ ڀريو ويو تہ ان کي ليند روينيو جي رهتن جي مد ۾ اوڳاڙيو ويندو. | وقف ملڪيت جي سلسلي ۾ ڀاڙا ۽ ليز جون رقمون ليند روينيو جي رهتن جي مد ۾ اوڳاڙيون وينديون<br>Rents and lease moneys in respect of waqf property may be recovered as arrears of land |

revenue

چيف ايڊمنسٽريٽر ريٽرنز وغيره طلب ڪري سگهي ٿو ۽ وقف ملڪيت جي سلسلي ۾ هدايت جاري ڪري سگهي ٿو.

Chief Administrator may call for returns, etc, and may issue instruction and direction in respect of waqf property

20.(1) چيف ايڊمنسٽريٽر ڪنهن وقف ملڪيت جي انچارج، انتظاميہ تي ضابطو رکندڙ کي طلب ڪري سگهي ٿو، دفعہ 7 تحت جيڪڏهن سندس طرفان انتظاميہ تحويل ۾ نہ ورتي يا حاصل نہ ڪئي وئي هجي تہ اهڙي وقف ملڪيت بابت ريٽرن، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽسٽڪس يا ٻي معلومات فراهم ڪئي ويندي، يا اهڙي وقف ملڪيت سان لاڳاپيل ڪو دستاويز ۽ اهڙو ماڻهو اهڙي حڪم يا هدايت تي بنا دير عملدرآمد ڪندو.

(2)چيف ايڊمنسٽريٽر ڪنهن وقف ملڪيت جي انتظاميہ جو ضابطو سنڀالڻ لاءِ ڪنهن شخص کي انچارج بڻائي سگهي ٿو، جنهن جو انتظام دفعہ 7 تحت سندس طرفان سنڀاليو يا حاصل ڪيو ويو هجي، جوڳن انتظامن، ضابطي، مينيجمنٽ ۽ اهڙي وقف ملڪيت جي مرمت لاءِ اهڙيون هدايتون يا نصيحتون ڏئي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، بشمول سرمن، خطبي يا ليڪچر کان منع ڪرڻ جي هدايتن جي، جن ۾ عدالت کان مٿانهون ۽ پاڪستان جي استحڪام ۽ سالميت خلاف مواد هجي يا نفرت جي جذبن کي اڀار ڏيڻ لاءِ يا ملڪ ۾ مختلف مذهبي فرقن يا گروپن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ ۽ اهڙن ماڻهن کي پارٽي جي سياست ۾ خطابن ۽ ليڪچرز ذريعي بي نقاب ڪرڻ کان منع ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ ۽ اهڙي ملڪيت جي چارج رکندڙ يا انتظاميہ تي ضابطو رکندڙ شخص کي اهڙين نصيحتن ۽ هدايتن تي عمل ڪرڻو پوندو.

دائره اختيار تي پابندي

21.هن آرڊيننس ۾ پرپور نموني محفوظ بڻايل تہ ڪنهن بہ روينيو ڪورٽ يا ڪنهن ٻي اٿارٽي کي دائره اختيار نہ هوندو

| | |
|---|---|
| Bar of jurisdiction | ته: |
| | (a)هن آرڊيننس تحت چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان يا ان جي مثال تي ڪجهه ڪيل جي قانوني حيثيت تي سوال اٿارڻ؛ يا |
| | (b)ڪنهن معاملي بابت جنهن سلسلي ۾ چيف ايڊمنسٽريٽر بااختيار آهي يا هن آرڊيننس تحت طئي ڪرڻو يا نبيرڻو آهي؛ |
| | (c)هن آرڊيننس تحت چيف ايڊمنسٽريٽر سامهون ڪنهن ٻڌڻي سان لاڳاپيل فيصلي يا ٻئي ڪنهن حڪم جي منظوري ڏيڻ يا هن آرڊيننس تحت چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان ڪرڻ جي ارادي يا مثال جي طور تي منظوري ڏيڻ. |
| هن آرڊيننس سان ٽڪراءَ ۾ حڪمن وغيره جو اثر Effect of orders, etc, inconsistent with this Ordinance | 22. هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل هر حڪم ۽ ڪنيل هر قدم تيستائين موثر هوندو جيستائين ڪجهه ڪنهن دستاويز، ڊڪري يا ڪورٽ جي حڪم، ڊيڊ، ان ايڪٽمينٽ يا ڪنهن دستاويز جيڪو هن آرڊيننس کانسواءِ اهڙي ڪنهن ان ايڪٽمينٽ جي حوالي سان موثر هجي، ان جي خلاف نه هجي. |
| هن آرڊيننس تحت ڪنيل قدم جو تحفظ Protection of action taken under this ordinance | 23. هن آرڊيننس يا ان تحت جوڙيل قاعدن موجب سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن به شخص خلاف ڪو به مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نه ٿيندي. |
| ڏوهه | 24. (1) جيڪو به رڪاوٽ وجهي ٿو يا ڪا مزاحمت ڪري |

| | |
|---|---|
| Offences | ٿو يا رنڊڪ يا ٻي صورت ۾ مداخلت ڪري ٿو:<br>(a)جيڪڏهن ڪا اٿارٽي، عملدار يا ڪو شخص جيڪو ڪي اختيار يا ڪا ذميواري هن آرڊيننس تحت منتقل ڪيل يا مڙهيل سرانجام ڏئي ٿو يا ٻي صورت ۾ هن آرڊيننس تحت ڪو قانوني ڪم ڪري ٿو؛ يا<br>(b)ڪو شخص جيڪو اهڙي ڪنهن اٿارٽي، عملدار يا مٿي ڄاڻايل شخص يا جيڪو ٻي صورت ۾ هن آرڊيننس تحت ذميواري سرانجام ڏئي رهيو هجي، ان جي حڪمن تي عمل ڪري رهيو هجي؛<br>ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جنهن جي مدت پنج سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ.<br>(2)جيڪو بہ نٿو مڃي يا چاڙي واٽي چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان جاري ڪيل ڪنهن درخواست، نصيحت يا هدايت يا دفعہ 20 تي عمل نٿو ڪري  ان کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي، جيڪا پنج سئو رپين تائين وڌي سگهي ٿي ۽ وڌيڪ ڏنڊ جيڪو پنجاهہ رپيا ڏهاڙي تائين وڌي سگهي ٿو جيڪو اهڙي نافرماني يا ناڪامي جاري رهڻ تي پهرين پيڪڙي واري تاريخ ڪانپوءِ جاري رکڻ تي لاڳو ٿيندو. |
| قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to frame rules | 25.(1) حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.<br>(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان ٽڪراءَ کانسواءِ، حڪومت هيٺين سمورن يا ڪن بہ مقصدن لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي، يعني:<br>(a)هن آرڊيننس تحت مقرر ڪيل عملدارن جا اختيار ۽ ذميداريون بيان ڪرڻ؛ |

(b)چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان ايڊمنسٽريٽر يا ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر کي ڪن اختيارن جي منتقلي کي ريگيوليٽ ڪرڻ؛

(c)شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ جن تحت وقف ملڪيت ليز تي ڏني ويندي يا ڇڏي ويندي؛

(d)طريقو جوڙڻ جنهن ۾ وقف ملڪيتن جي انتظامن ۽ ترقيءَ بابت اسڪيمون تيار ڪيون وينديون؛

(e)هن آرڊيننس تحت ملازمت تي رکيل ماڻهن جي ملازمت ۽ ڪم جا شرط جوڙڻ؛

(f)چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان يا ان جي خلاف مقدمو جوڙڻ؛

(g)طريقيڪار بيان ڪرڻ جنهن تحت اڪائونٽس رکيا ويندا؛

(h)چيف ايڊمنسٽريٽر طرفان سنڀاليل اڪائونٽس جي آڊٽ لاءِ اٿارٽي بيان ڪرڻ؛

(i)امامن ۽ خاطبن ۽ اوقاف جي ادارن جي ٻين ملازمن جي جوڳي تعليم ۽ تربيت لاءِ نصاب ۽ ڪورس بيان ڪرڻ؛

(j)اسلامي مذهبي تعليم ڏيندڙ ادارن جو معيار بيان ڪرڻ ۽ نصاب۽ ڪورس جوڙڻ, ڪهڙي ٻه نالي سان هجن ۽ جتي عوامي مفاد وٽان ضروري هجي, اهڙي اداري جي اڪائونٽ جي جاچ پڙتال ڪئي ويندي؛ ۽

(k)عوامي نمائندن, عالمن ۽ ٻين ماهرن تي ٻڌل صلاحڪاري ڪميٽيون مقرر ڪرڻ.

26.اوقاف (وفاقي ضابطو) ايڪٽ, 1976 (1976 جو LVI) تحت ڪيل هر ڪم يا ڪم ڪرڻ جي ارادي, ڪنيل قدم, رهت يا لڳايل ڏنڊ يا شروع ڪيل ڪارروائي, مقرر ڪيل

1976 جي ايڪٽ LVI تحت ڪنيل قدمن, ورتل اپائن جو

| | |
|---|---|
| عملدار يا بااختيار بڻايل شخص، دائره اختيار يا منتقل ڪيل اختيار، جوڙيل قاعدو يا جاري ڪيل نوٽيفڪيشن يا حڪم جاڙايل ايڪٽ جي منسوخي تي ۽ جيڪڏهن اهو هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ آهي تہ لاڳو رهندو ۽ اهڙيءَ ريت اهو هن آرڊيننس تحت ڪيل، ڪنيل، پيش ڪيل، شروع ڪيل، مقرر ڪيل، بااختيار بڻايل، منتقل ڪيل، جوڙيل يا جاري ڪيل سمجهيو ويندو. | تسلسل Continuance of actions, act taken under Act LVI of 1976 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**